SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1986

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1986

سنڌ زرعي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986

THE SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sind Act, V of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sind Act, V of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act of 1977

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ V ۾ دفعہ 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act V of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1986
SINDH ORDINANC E NO.IV OF 1986
سنڌ زرعي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986
THE SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

[30 جولائي، 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ زرعي يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ زرعي يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ زرعي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sind Act, V of 1977

2. سنڌ زرعي يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2، جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(ii) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

Sind Act, V of 1977

4. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act of 1977

5. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act of 1977

6. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو

1977 جي سنڌ

ايڪٽ V ۾ دفعہ 28_ جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act V of 1977

ڪيو ويندو:

("پرو وائيس چانسيلر) 28_A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو، اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ ڪيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر ڪيس ڪم سونپي."

نوٽ:ـ آردِيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.